روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

Daily SINDHYAR Sukkur

www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) جمع 20 جنوري 2023 ع بمطابق 27 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 238

وزيراعظم سان روس جي توانائي واري وزير جي ملاقات، پيوٽن جو پيغام پهچايو

روس جي توانائي واري وزير نڪولي شولگينوف جي قيادت ۾ وفد لاهور ۾ وزيراعظم سان ملاقات ڪئي، ٻطرفي اقتصادي ۽ واپاري لاڳاپن جي ترقي جي لاءِ توانائي جي شعبي جي اهميت تي اتفاق ڪيو ويو

روسي صدر پيوٽن سان سيپٽمبر 2022 ع ۾ ثمرقند ۾ ملاقات ۾ پاڪستان ۽ روس جي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا هئا: وزيراعظم شهباز

ايندڙ چونڊن ۾ شاهينن جو شهر سرگوڌا مسلم ليگ (ن) جو قلعو ثابت ٿيندو ۽ سرگوڌا جي تعمير ۽ ترقي لاءِ جيڪو به ٿي سگهيو ڪندس

محمد شهبازشريف سرگوڌا جي وفاقي پارليماني سيڪريٽري چوڌري حامد حميد سان ملاقات سرگوڌا جو چوڌري محمد حميد ۽ ٻين اسيمبلي ميمبرن جون سرگوڌا لاءِ خدمتون سارهه جوڳيون آهن

انهن پاران جيڪي به اسڪيمون آيون آهن اهي فوري طور تي منظور ڪري سرگوڌا جي تعمير ۽ ترقي لاءِ موجوده اقتدار ۾ جيڪو ڪجهه ٿي سگهيو اهو ڪندس

ان موقعي تي چوڌري حامد حميد جون سموريون اسڪيمون منظوري جو ذڪر ڪندي انشاءَالله انهن ترقياتي اسڪيمن تي ڪم تيزي سان جاري آهي. چوڌري حامد حميد وزيراعظم جو شڪريو ادا ڪيو

سرگوڌا (م ڊ) مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي اڳواڻ وزيراعظم ميان شهبازشريف چيو آهي ته اليڪشن ڪان ته اڳ پڳا هئا سين نه هاڻي پڇي رهيا آهيون عوامي خدمت جي ذريعي ٽي (ن) ليگ پهريان به اقتدار ۾ آئي هئي ۽ هاڻي پهريان کان وڌيڪ طاقت سان اقتدار ۾ ايندي پاڻ کي عوام جي خدمت لاءِ ارپيندڙ ٽي حقيقي عوامي ليڊر سرائين ٿا سرگوڌا مسلم ليگ (ن) جو ڳڙهه آهي ان همیشه (ن) ليگ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

قومي اسيمبلي جي اجلاس جو شيڊول تبديل، 20 جنوري بدران 27 جنوري تي ٿيندو

هاڻي اجلاس 20 جنوري بدران 27 جنوري تي ٿيندو قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ پاران پڌرائي جاري ڪئي وئي

قائدي 49 جي شق بي ڪي ماتحت قائدي 2 تحت ڏنل اختيار ڪتب آڻيندي جاري ڪيو

اسلام آباد (بيورو) قومي اسيمبلي جو اڄ جمعي 20 جنوري 2023 تي ڏينهن جو 11 وڳي ٿيندڙ اجلاس جو شيڊول تبديل ڪيو ويو هاڻي اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسٽيٽ بئنڪ جي ڪمرشل بئنڪن کي مسجدن جا اڪائونٽ کولڻ جي هدايت

اسٽيڪ هولڊرز مسجد جا اڪائونٽ نه کولڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪئي

اڪائونٽ نه کولڻ جو رجحان مالياتي شموليت ۽ معيشت کي دستاويز ڪرڻ ۾ رڪاوٽ آهي

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان بئنڪن جي سربراهن کي خط لکيو آهي جنهن ۾ چيو ويو ته ڪمرشل بئنڪون مسجدن جا اڪائونٽ کولين اسٽيٽ بئنڪ جي پڌرائي مطابق اسٽيڪ هولڊرز مسجد جا اڪائونٽ نه کولڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: ڪاٽي جو صدر صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو کي شيلڊ پيش ڪندي

ڊپٽي ڪمشنر ضلعي ڏکڻ جي صدارت هيٺ پوليو خلاف مهم بابت حتمي تياري بابت اجلاس ٿيو

ڏکڻ ضلعي ۾ پوليو خلاف مهم 23 جنوري کان شروع ٿيندي ۽ تعاون نه ڪرڻ وارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊپٽي ڪمشنر سائوٿ

اجلاس ۾ پوليو ورڪرن جي تربيتي مائڪرو پلان، ميڊيا ڪميونيڪيشن ۽ سيڪيورٽي انتظامن جو جائزو ورتو ويو

ضلعي ڪميونيڪيشن آفيسر رابعہ عبدالله، ڊي سي او مس هما ۽ سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ڏکڻ ضلعي ڪيپٽن رٽائرڊ محمد سعيد لغاري جي صدارت هيٺ ڏکڻ ضلعي ۾ پوليو کان بچاءَ واري مهم بابت حتمي تياري بابت اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ پوليو ورڪرن جي تربيتي مائڪرو پلان. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اليڪشن ڪميشن جو ٻن هفتن ۾ چونڊ شيڊول جاري ڪرڻ جو فيصلو

موڪل واري ڏينهن ٽرن آئوٽ وڌيڪ هوندو آهي ٻئي پاسي صوبائي عام چونڊن لاءِ پولنگ ڪڏهن ٿيندي ان جو فيصلو گورنر ڪندا

ڪي پي ڪي ڪندا اليڪشن ڪميشن پولنگ ڊي بابت رڳو پنهنجي تجويز گورنر کي اماڻي سگهي ٿو

پولنگ ڊي مقرر ڪرڻ جو اختيار صوبن ۾ گورنرز وٽ آهي هتي اها ڳالهه به ذڪر جوڳي آهي

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن اف پاڪستان اپريل جي پهرين هفتي ۾ صوبائي عام چونڊون ڪرائڻ جي تجويز ڪان پوءِ ٻن هفتن ۾ چونڊن جو شيڊول جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو اهي ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

آصف زرداري سياسي ميدان جو مين آف دي مئچ قرار

سروي ۾ 22 هزار کان وڌيڪ مردن ۽ عورتن کان راءِ ورتي وئي راءِ ۾ ڪجهه مبصرن جي راءِ هئي

پاڪستان جي سياسي تاريخ ۾ پيپلزپارٽي کي هيٽرڪ جو اعزاز ڏياري چڪو هجي ها جهڙي طرح هن سنڌ ۾ ڪري ڏيکاريو آهي

جيترا خطرناڪ الزام آصف علي زرداري جي خلاف لڳايا ويا ان جي باوجود به ڪجهه تڪن ۾ يقين ڪامل طور بيان ڪيا وڃن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) انٽرنيشنل سياسي فورم سروي براءِ پاڪستان ۾ پيپلزپارٽي جي ڪو چيئرمين آصف علي زرداري کي پاڪستاني هاٽوڪي سياسي ميدان ۾ مين آف دي ميچ قرار ڏنو وير سروي ۾ 22 هزار کان وڌيڪ مردن ۽ عورتن کان راءِ ورتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

هاءِ ڪورٽ شهباز گل جي درخواست ۾ اسپيشل پراسيڪيوٽر کي فوري ڪم کان روڪڻ جي اپيل رد ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق جي عدالت ادارن ۾ بغاوت تي پڙڪائڻ جي ڪيس ۾ اسپيشل پراسيڪيوٽر مقرري جي خلاف شهباز گل جي درخواست ۾ اسپيسل پراسيڪيوٽر کي فوري ڪم کان روڪڻ جي اپيل رد ڪندي چيو ته اڃا ته ٽرائيل شروع ئي ناهي ٿيو اوهان جي درخواست جلد ٻڌي فيصلو ڪنداسين مختصر تاريخ ڏئي رهيا آهيون جلد ٻڌي فيصلو ڪنداسين خميس تي اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي: ڊائو ميڊيڪل ڪاليج ۾ پروفيسر محمد سعيد قريشي خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ، 5 ارب کان وڌيڪ مضاربہ اسڪينڊل جي جوابدار جي ضمانت منظور

جوابدار تي ايجنٽ طور عوام کان 15 ڪروڙ ڦٻائڻ جو الزام آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي ٿي

جوابدار ڏيڍ سال کان جيل ۾ آهي ان جي اڪائونٽ مان ڪائي رقم ناهي ملي هي مک جوابدارن جو ملازم هو

انهن جي ڏوهه جي سزا ان کي نٿي ڏئي سگهجي جن جوابدارن جي اڪائونٽ ۾ اربين رپيا آيا ڪين ضمانت تي آزاد ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ 5 ارب رپين کان وڌيڪ مضاربہ اسڪينڊل جي جوابدار جي ضمانت منظوري ڪري ورتي آهي جوابدار تي ايجنٽ طور عوام کان 15 ڪروڙ ڦٻائڻ جو الزام آهي خميس تي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي تي جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي، ڊي سي ڪيماڙي آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه جو ڪيس پي ٽي آئي اڳواڻن جي خلاف داخل

پي ٽي آئي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران ڀڃ ڊاهه ۽ فائرنگ ڪرڻ جو ڪيس ڊائيٽ اي ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ پي ٽي آئي اڳواڻ علي زيدي، بلال غفار عطاءَالله سعيد آفريدي دادا کان سميت ٻين کي نامزد ڪيو ويو

پي ٽي آئي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ڊي سي آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه ڪئي پي ٽي آئي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن گاڏين کي نقصان پهچايو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ڊي سي ڪيماڙي آفيس ۾ ڀڃ ڊاهه جو ڪيس سائيٽ اي ٿاڻي ۾ پي ٽي آئي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي خلاف داخل ڪيو ويو پوليس مطابق گذريل ڏينهن مڪاني چونڊن ۾ مبينہ ڌانڌلي جي خلاف سائيٽ ايريا ۾ ڊي سي آفيس ڪيماڙي ٻاهران احتجاج دوران ڊي سي آفيس ۾ پي ٽي آئي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران ڀڃ ڊاهه ۽ فائرنگ ڪرڻ جو ڪيس ڊائيٽ اي ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پي ڊي ايم نئين نئي پر آڪٽوبر ۾ عام چونڊ وڙهندي: راڻا ثناءَالله

عمران خان 35 تڪن تان چونڊ وڙهي يا 70 تان، ان جو پٽو ڪولي ڇڏينداسين

نواز شريف کان تنظيمي معاملن ۽ سياسي صورتحال تي رهنمائي وٺندس

لندن (م ڊ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءَالله چيو آهي ته پي ڊي ايم نئين چونڊ نه پر آڪٽوبر ۾ عام چونڊ وڙهندي، لندن ۾ ن ليگ قائد نواز شريف سان ملاقات کان اڳ نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي راڻا ثناءَالله چيو ته عمران خان 35 تڪن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪندي

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي جي واپارين جو ملڪي ٽيڪس ادائيگي ۾ سڀني کان نمايان ڪردار آهي: جام اڪرام الله ڌاريجو

وفاقي حڪومت صوبي سنڌ جي صنعتڪارن جي درپيش مسئلن جي حل لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻندي

تقريب ۾ ڪاٽي جي عهديدارن ايس ايم تنوير، فراز الرحمان ٻين عهديدارن ۽ سيڪريٽري صنعت ۽ واپار رشيد احمد سولنگي پڻ شرڪت

گيس جي بند ٿيڻ جي ڪري سنڌ جي صنعتن کي وڏو نقصان پهتو آهي: ڪاٽي جي تقريب ۾ ڪراچي جي واپاري برادري گذريل ٽن سالن کان سخت پريشاني جو شڪار آهي. ڪرونا جي بيماري صنعتي ترقي کي وڌيڪ متاثر ڪيو آهي پر ڪي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) صنعت، واپار ۽ گڏيل امداد ڪاتن وارو صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو چيو آهي ته گيس جي بند ٿيڻ جي ڪري سنڌ جي صنعتن کي وڏو نقصان رسيو آهي. اميد آهي ته وفاقي حڪومت صوبي سنڌ جي صنعتڪارن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

لاهور: وزير اعلي پنجاب پرويز الاهي پريس ڪانفرنس ڪندي

بلاول ڀٽو زرداري ڪامران ٽيسوري لاءِ گلدستو اماڻي ڇڏيو، ان سان گڏ نيڪ خواهشن جو اظهار به ڪيو

اوهان جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيان : بلاول ڀٽو

بلاول جي نيڪ خواهشن ۽ صحتيابي جي دعا تي ان جو ممنون ۽ مشڪور آهي: ڪامران خان ٽسوري

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين ۽ وفاقي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري لاءِ گلدستو اماڻيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

مبينہ ڏيءُ کي نامزدگي ڪاغذن ۾ لڪائڻ تي عمران خان کي نااهل قرار ڏيڻ جي درخواست

وڪيل جي شروعاتي بيان جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت جي اپيل منظور

شهري ساجد محمود جي درخواست تي عمران خان جو وڪيل سلمان اڪرم راجا عدالت ۾ پيش ٿيو

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق جي عدالت عمران خان کي مبينہ ڏيءُ ٽيريان جيڊ وائٽ کي نامزدگي ڪاغذن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

هڪ مهيني لاءِ بجلي 2 رپيا 19 پئسا في يونٽ سستي ٿيڻ جو امڪان

سينٽرل پرچيزنگ پاور ايجنسي قيمتن ۾ لاٿ جي درخوست نيپرا ۾ داخل ڪري ڇڏي

سي پي اي ڊسمبر جي فيول پرائيس ايڊجسٽمنٽ جي مد ۾ قيمتن ۾ 2 رپيا 19 پئسن تائين لاٿ جي درخواست ڪئي

اسلام آباد (بيورو) هڪ مهيني لاءِ بجلي 2 رپيا 19 پئسا في يونٽ سستي ٿيڻ جو امڪان آهي، سينٽرل پرچيزنگ پاور ايجنسي قيمتن ۾ لاٿ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آر اوز ۽ ڊي آر اوز پارٽي ورڪرز طور ڪم ڪري رهيا آهن: حافظ نعيم الرحمان

سنڌ حڪومت آر اوز ۽ ڊي آر اوز جي ذريعي ان کان پوءِ پول ڌانڌلي ڪري رهي آهي

بيورو ڪريسي پيپلزپارٽي جي غلام بڻجي ڪم ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير حافظ نعيم الرحمان الزام مڙهيو آهي ته سنڌ حڪومت آر اوز ۽ ڊي آر اوز جي ذريعي پول ڌانڌلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ هاءِ ڪورٽ دانيا شاهه جي گرفتاري جي خلاف درخواست ٻڌڻي جو ڳي هجڻ تي دليل گهري ورتا

ايف آئي اي کي جو نوٽيس ڪيو وڃي پهريان مطمئن ڪريو گرفتاري ۾ ڇا قانون جي خلاف عمل ٿيو

ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊپٽي ڊائريڪٽر ايف آئي اي سميت جاچ آفيسر عارف سعيد کي به ڌرڻ بڻايو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ عامر لياقت حسين جي نامناسب مبينہ وڊيو وائرل ڪرڻ جي ڪيس ۾ ان جي ٽين زال دانيا شاهه جي گرفتاري جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

حيدرآباد: آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز پاران احتجاج ڪندي

مون وٽ اڃا گهڻا ڪارڊ باقي آهن، نااهل ٿيس ته به پي ٽي آءِ ووٽ ملندا: عمران خان

پنجاب جي گورنر ايڊوائيس ۾ چونڊن جي تاريخ نه لکي آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي، سندس ان قدم کي عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

جيڪڏهن ملڪ ۾ صاف شفاف چونڊون نه ٿيون ته سريلنڪا جهڙي صورتحال پيدا ٿي سگهي ٿي، مون وٽ اڃا گهڻا ڪارڊ باقي آهن

ڪيڏنس ته پي ڊي ايم وارن جي لوڻ ۽ ڪانڊر جي ويندي، پنجاب اسيمبلي ٽوڙڻ پي ڊي ايم لاءِ هڪ اهڃاڻ آهي، جنهن جي گونج صدين تائين ٻڌي ويندي

لاهور (م ڊ) تحريڪ انصاف چيئرمين عمران خان چيو آهي ته مون کي نااهل ڪيو ويو پوءِ به ماڻهو پي ٽي آءِ جي نظريي کي ووٽ ڏيندا. لاهور ۾ سينيئر صحافين سان ڳالهائيندي عمران خان چيو ته پنجاب جي گورنر ايڊوائيس ۾ چونڊن جي تاريخ نه لکي آئين جي ڀڃڪڙي ڪئي، سندس ان قدم کي عدالت ۾ چئلينج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هن چيو ته جيڪڏهن ملڪ ۾ صاف شفاف چونڊون نه ٿيون ته سريلنڪا جهڙي صورتحال /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

بلاول ڀٽو زرداري جي عالمي بئنڪ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر آپريشنز سان ملاقات

ڊيووس ۾ عالمي بئنڪ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر آپريشنز سان ملي خوشي ٿي: بلاول

پاڪستان جي وڏي ترقياتي پارٽنر طور تي عالمي بئنڪ جو اهم ڪردار آهي

اسلام آباد (م ڊ) پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ڊيووس ۾ عالمي اقتصادي فورم جي اجلاس جي موقعي تي عالمي بئنڪ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پيپلزپارٽي مڪاني چونڊن جو ٻيو مرحلو ڪاميابي سان کٽي ورتو آهي: عاجز ڌامراهه

اسان ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن جي عوام جا شڪر گذار آهيون ته انهن اسان تي اعتماد ڪيو

ڪراچي ۾ عجيب تماشو لڳائي رکيو آهي ماڻهو اسان کان پڇن ٿا ته پيپلزپارٽي ايتري ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي

شايد اهو سوال ان جا پنهنجا ناهن پيپلز پارٽي ٻي وڏي جماعت جو وجود عام چونڊن ۾ حاصل ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي سنڌ جي اطلاعات سيڪريٽري سينيٽر عاجز ڌامراهه، فداح حسين ڊکن ۽ نعمان شيخ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته پيپلز پارٽي مڪاني چونڊن جو ٻيو مرحلو ڪاميابي سان کٽي ورتو آهي. اسان ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن جي عوام جا شڪر گذار آهيون ته انهن اسان تي اعتماد ڪيو. ڪراچي ۾ عجيب تماشو لڳائي رکيو آهي ماڻهو اسان کان پڇن ٿا ته پيپلز پارٽي ايتري ڪاميابي ڪيئن حاصل ڪئي شايد اهو سوال ان جا پنهنجا ناهن پيپلز پارٽي ٻي وڏي جماعت جو وجود عام چونڊن ۾ حاصل ڪيو آهي اردو ڳالهائيندڙ به پيپلز پارٽي تي اعتماد ڪندا آهن. هن چيو ته پيپلز پارٽي شاهراهه فيصل کان ٽاور

لاهور: پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان پارٽي اڳواڻ ملاقات ڪندي

ضمني اليڪشن، عمران خان جي سمورن تڪن تان ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو حڪم

اليڪشن ڪميشن عمران خان پاران ڪاميابي جي خرچن جو تفصيل جمع نه ڪرائڻ تي نوٽيس ورتو هو

جنهن تي چيف اليڪشن ڪمشنر جي صدارت هيٺ 5 رڪني ڪميشن محفوظ فيصلو ٻڌايو

اليڪشن ڪميشن عمران خان جي 7 تڪن تي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جو حڪم ڏنو

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن پي ٽي آئي چيئرمين عمران خان جي سمورن تڪن تان ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن اجري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو اليڪشن ڪميشن عمران خان پاران ڪاميابي جي خرچن جو تفصيل جمع نه ڪرائڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانس ڪراچي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو اجلاس

صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانس شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانس ڪراچي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو اجلاس ٿي گذريو

اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ عبدالحليم شيخ، جسٽس (ر) شائق عثماني، رخسانہ راهوجا، شمائل سڪندر، اقبال لالاڻي ۽ ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان شرڪت

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن آهي ته صوبي ۾ ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر ڪيو وڃي، بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ جي ڪم جي رفتار کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي: شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانس شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانس ڪراچي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو اجلاس ٿي گذريو. اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ عبدالحليم شيخ، جسٽس (ر) شائق عثماني، رخسانہ راهوجا، شمائل سڪندر، اقبال لالاڻي ۽ ايڊمنسٽريٽر ڪراچي ڊاڪٽر سيف الرحمان شرڪت ڪئي، جڏهن ته وائس چانسلر اين اي ڊي يونيورسٽي پروفيسر سروش حشمت لوڌي اجلاس ۾ وڊيو لنڪ جي ذريعي شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ بي آر ٽي ريڊ لائن پروجيڪٽ جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويو صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ جاري اجلاس جو ڏيک

محتسب اعليٰ سنڌ جي مداخلت تي پوليس کاتي ڇهن سالن کان پوءِ شڪايت ڪندڙ کي 4,99,708/- رپيا ادا ڪري ڇڏيا

هن 19_2018 ع ۾ AIGP اي آءِ جي پي ويلفيئر آفيس سنڌ ڪراچي جي مرمت جو ڪم مڪمل ڪرايو : فهد حسين خواجہ

هن وقت تائين 4 لک 99 هزار 708 روپيا اڃان تائين ادا ناهن ڪيا ويا ۽ مداخلت جي درخواست ڪئي آهي

محتسب اعليٰ باضابطا جاچ ۽ ٻڌڻي لاءِ شڪايت قبول ڪندي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

ڪراچي (رپورٽر) اعليٰ سنڌ اعجاز علي خان جي مداخلت تي ڇهن سالن کانپوءِ پوليس کاتي شڪايت ڪندڙ کي 4 لک 99 هزار 708 رپين جي رقم ادا ڪئي وئي. شڪايت ڪندڙ فهد حسين خواجا اعليٰ محتسب سنڌ کي پنهنجي شڪايت ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مراد علي شاهه کي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪيل قدمن بابت ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو رپورٽ پيش

شهر ۾ گذريل 24 ڪلاڪن ۾ اسٽريٽ ڪرائم جا 137 واقعا رپورٽ ٿيا: رپورٽ

جنهن ۾ موبائيل/نقدي چوري جا 68، ڪار چوري جا 7، موٽرسائيڪل چوري جا 16 ۽ ٻين چوري جا 46 واقعا رپورٽ ٿيا آهن

8 پوليس مقابلا ٿيا جن ۾ 9 ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا ويا جڏهن ته 20 اسٽريٽ ڪرمنل/چور واقعي واري هنڌان پڪڙيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي گذريل 24 ڪلاڪن ۾ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ ڪيل قدمن بابت ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو رپورٽ پيش ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته شهر ۾ گذريل 24 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نيب ترميمن مان فائدو وٺڻ جي تياري، زرداري جي مني لانڊرنگ ريفرنس واپس وٺڻ جي درخواست

احتساب عدالت ۾ آصف علي زرداري جي خلاف مني لانڊرنگ ريفرنس جي ٻڌڻي ٿي

آصف زرداري تي ريفرنس ۾ 30 ملين جو الزام آهي نيب هن وقت تائين اهو الزام ثابت ناهي ڪري سگهيو: وڪيل فاروق نائڪ

اسٽيٽ بئنڪ جي گورنر به هي ڪيس نيب کي نہ اماڻيو هو نئين نيب قانون تحت ريفرنس به عدالت جي اختيار ۾ نٿو اچي

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي صدر آصف علي زرداري نيب ترميمن مان فائدو وٺندي مني لانڊرنگ ريفرنس واپس موڪلڻ جي درخواست داخل ڪري ڇڏي احتساب عدالت ۾ آصف علي زرداري جي خلاف مني لانڊرنگ ريفرنس جي ٻڌڻي تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: لانڍي ٽائون ۾ غير قانوني گهرن کي ڊاهيو پيو وڃي

سنڌ ايڪسائيز کاتي ۽ سنڌ پوليس کاتي وچ ۾ هڪ يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون

ايم او يو (MoU) جو مقصد چوري ٿيل گاڏين، جعلي دستاويزن ۽ بغير منتقلي جي هلندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪرڻ آهي

يادداشت تي صحيحون ڊائريڪٽر جنرل ايڪسائيز سنڌ جي آفيس ۾ ڪيون ويون

ڊائريڪٽر ايڊمن ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سنڌ وحيد شيخ ۽ يادداشت نامي تي سنڌ پوليس طرفان ڊي آءِ جي پي آءِ ٽي ڪيپٽن (ر) پرويز احمد چانڊيو دستخط ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ايڪسائيز کاتي ۽ سنڌ پوليس کاتي وچ ۾ هڪ يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون. ايم او يو (MoU) جو مقصد چوري ٿيل گاڏين، جعلي دستاويزن ۽ بغير منتقلي جي هلندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪرڻ آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايجوڪيشن سٽي سنڌ حڪومت جي اهم منصوبن مان هڪ آهي: قاسم نويد قمر

ايجوڪيشن سٽي سنڌ حڪومت جي اهم منصوبن مان هڪ آهي ۽ ان منصوبي تحت نہ رڳو پر اڌائي لک کان وڌيڪ شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪندا

معياري تعليم، ان سان گڏ 200,000 سڌي طرح روزگار جا موقعا پڻ پيدا ٿيندا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير جي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ پروجيڪٽ بابت خاص مددگار سيد قاسم نويد قمر چيو آهي ته ايجوڪيشن سٽي سنڌ حڪومت جي اهم منصوبن مان هڪ آهي ۽ ان منصوبي تحت نہ رڳو پر اڌائي لک کان وڌيڪ شاگرد اعليٰ تعليم حاصل ڪندا، معياري تعليم، ان سان گڏ 200,000 سڌي طرح روزگار جا موقعا پڻ پيدا ٿيندا/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

عمران خان سان سنڌ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ حليم عادل شيخ جي خصوصي ملاقات

مڪاني ادارن جي چونڊن جي ٻئي مرحلي جي انتهائي خراب ڪارڪردگي ۽ نتيجن کي مڪمل رد ڪرڻ جو اعلان

ڪارڪنن ۽ اهلڪارن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ ۽ گرفتارين جي به سخت مذمت ڪجي ٿي: عمران خان

مينڊيٽ کي نڳي ڪري ڦريو ويو، عوام جي ووٽ جو تحفظ ڪندي قانون جي دائري ۾ رهي سياسي مزاحمت ڪنداسين

ڪراچي (رپورٽر) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان سان سنڌ ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ حليم عادل شيخ جي خصوصي ملاقات سنڌ جي سياسي صورتحال ۽ تازين مڪاني چونڊن جي حوالي سان اهم معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه مڪاني ادارن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڪراچي: عمران خان سان حليم عادل شيخ خصوصي ملاقات ڪري رهيو آهي

ٺاروشاهه ۾ سيپڪو ملازمن جو
امڪاني نجڪاري ۽ ٻين مطالبن جي
مڃتا لاءِ احتجاج

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه ۾ سيپڪو ملازمن جو امڪاني نجڪاري ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ آفيس جي تالابندي ڪري احتجاج ڪيو ويو. واپڊا هائيڊرو يونين اڳواڻ محمد زمان مهيسر حنيف سوڪا خانزاده غلام مجتبيٰ اڄڻ يونس سومرو ۽ ٻين چيو ته وفاقي حڪومت واپڊا جي ملازمن سان ماتيلي ماءُ وارو ورتاءُ ڪري رهي آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

خانپورمهر ۾ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ يونين پاران واپڊا جي امڪاني نجڪاري خلاف ريلي

واپڊا ملازمن علي حسن ملڪ، شوڪت چاچڙ، صمد ڪلوڙ، سميع ڪرلاچي، ظفر ڪلوڙ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

واپڊا جي نجڪاري سان اداري ۾ بهتري اچڻ بدران تباهي ايندي، عوام تي به وڌيڪ بار پوندو: علي حسن ملڪ ۽ ٻيا

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر ۾ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ يونين پاران واپڊا جي امڪاني نجڪاري خلاف ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرس يونين سنڌ جي صدر عبداللطيف نظاماڻي جي سڏ تي خانپورمهر ۾ واپڊا ملازمن واپڊا جي امڪاني نجڪاري خلاف ۽ ٻين مطالبن جي مڃتا لاءِ واپڊا آفيس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪليون ڪچهريون منعقد ڪري رٽائرڊ ۽ سرڪاري ملازمن جا مسئلا ٻڌا وڃن: نادر جمالي

جيڪڏهن سنڌ آفيسر ۽ سندس عملو هوندو ته گهٽ شڪايتون ملنديون ۽ هن ڪلين ڪچهرين ڪان پوءِ ڪافي ماڻهن جا مسئلا حل ٿيا آهن

رٽائر ۽ سرڪاري ملازمن جا مسئلا حل ٿيا آهن، ڪوبه ماڻهو پنهنجي ڪم جي سلسلي ۾ سائنس ڪنهن به وقت ملي سگهي ٿو

سندس ڪوشش هوندي آهي ته ڪنهن جو به ڪم نه رڪجي هن ڪلي ڪچهري مان ڪافي تعداد ۾ لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ دادو نادرعلي جمالي چيو ته صوبائي محتسب اعليٰ ۽ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جون خاص هدايتون آهن ته هر ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسن ۾ هر مهيني ڪليون ڪچهريون منعقد ڪري رٽائرڊ ۽ سرڪاري ملازمن جا مسئلا ٻڌا وڃن ته جيئن انهن کي حل ڪرائي سگهجي هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن سنڌ آفيسر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

دادو: ڪليبيل ڪچهريون منعقد ڪئي وئي

پرياسٽي ۾ حضور اڪرم صلي
الله واله وسلم جي شان ۾ ميلاد
جي محفل

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) تعلقا بار جي شروعات نبي ڪريم صلعم جي شان بيان ڪرڻ سان ڪري رهيا آهيون وڪيل نثار ناياب ملاح پرياسٽي تعلقه بار جي اڳڻ تي حضور اڪرم صلي الله واله وسلم جن جي شان ۾ ميلاد جي محفل ڪرائي وئي ان موقعي تي سنڌ جي نالي وارن عالمن مولانا حماد الله، مولانا عمران جلباڻي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو پريسان ڳوٺ واحد بخش مري جي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

ڳوٺاڻن سليمان مري، عاشق مري، شوڪت مري، ميهر مري احتجاجي مظاهرو ڪيو، نعريبازي

ڏيڍ مهيني کان سنڌن نوجوان انجنيئر محمد حسن مري پراسرار طور ڪنيپي گم ڪيو ويو آهي: مظاهرين

نوٽيس وٺي ڪيس عدالت سگهوري ۾ آندو وڃي. ڪنيپي گم ڪيل نوجوان کي ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي تڪ جي ڳوٺ واحد بخش مري جي رهواسين جو احتجاجي مظاهرو سخت نعري بازي ڪري دادو پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ڳوٺاڻن سليمان مري، عاشق مري، شوڪت مري، ميهر مري چيو ته ڏيڍ مهيني کان سنڌن نوجوان انجنيئر محمد حسن مري پراسرار طور ڪنيپي گم ڪيو ويو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ملير جي عدالت ناري سان ڏاڍائي جي ڪيس ۾ 4 جوابدارن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

چئن جوابدار نوجوانن عديل ميمڻ، مزمل، آرض، ۽ سبحان ميمڻ اجتماعي زيادتي جو نشانو بڻائي سندس وڊيو ناهي هئي

واقعي جو ميمڻ ڳوٺ ٺاٽي تي ڪيس داخل ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو هو، عدالت ۾ 18 مهينا ڪيس هليو

منهنجي نياڻي جي زندگي ته تباهه ٿي وئي پر عدالت انصاف ڪري ٻين نياڻين جون حياتيون بچائي ورتيون آهن: وارث

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر) ڪراچي دهشت گردي تورڙ عدالت ميمڻ ڳوٺ ۾ اجتماعي ڏاڍائي جو شڪار حديقا ميمڻ جي ڪيس ۾ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي چئن اوباش جوابدار نوجوانن کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي، وڌيڪ پنج سال قيد ڪاٽڻ جو حڪم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ملير: ناري سان ڏاڍائي جي ڪيس ملوث 4 جوابدارن

بلدياتي چونڊن ۾ پ پ جي ڪاميابي
مخالفن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون
آهن: پير مظهر الحق

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) بلدياتي چونڊن ۾ پيپلزپارٽي جي ڪاميابي مخالفن جون ننڊون حرام ڪري ڇڏيون آهن عمران خان عوام سان ڪوڙا وعدا ڪيا ته هڪ ڪروڙ نوڪريون ۽ پنجاهه لک گهر ڏيندس ٻڌائي ته نوڪريون ۽ گهر ڪاڏي ويا اهڙو اظهار پيپلزپارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي سينٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٻنون پريسان اسڪول جي هوشيار شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ايوارڊ ڏيڻ جي پُروقار تقريب

ڪوتايل تقريب جي دوران ايوارڊ ماٿيندڙ شاگردن ۽ انهن جي والدين جا چهرا خوشي وچان ٻهڪي پيا

اسڪول جي پرنسپال اصغر علي خواجه، هيڊماسترا اعظم علي پليجو ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

اسڪول جي انتهائي محنتي شاگردن ۽ شاگرياڻين ۾ مڃتا شيلڊون، سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا انعام تقسيم ڪيا ويا

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون جي گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول جي هوشيار شاگردن ۽ شاگردياڻين کي ايوارڊ ڏيڻ جي پُروقار تقريب. ايوارڊ ماٿيندڙ شاگردن ۽ انهن جي والدين جا چهرا خوشي وچان ٻهڪي پيا. ٻنون جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي انتظاميا طرفان مدترم ايگزم ۾ پوزيشن ڪنندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي شيلڊون ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ملير پريسان لنڪ روڊ تي ايجوڪيشن سٽي لاءِ ٿاڻو قائم، افتتاحي تقريب

تقريب ۾ صوبائي وزير ساجد جوکيو، پيپلزپارٽي ملير جي ايم اين اي سردار ڄام عبدالڪريم جوکيو ۽ ٻين جي شرڪت

مشرف دور ڪان انائونس ٿيل ايجوڪيشن سٽي بورڊ منصوبو 20 سال گذرڻ باوجود به مڪمل ناهي ٿي سگهيو: ساجد جوکيو

هي پروجيڪٽ پراڻو آهي هن مهل تائين سواءِ ڪجهه زمين جي باقي پروجيڪٽ لاءِ مليل زمين تي ڪا به اڳيرائي ناهي ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) سماجي ڀلائي کاتي واري وزير ۽ سنڌ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي جي چيئرمين محمد ساجد جوکيو، پيپلزپارٽي ملير جي ايم اين اي سردار ڄام عبدالڪريم جوکيو ۽ وڏي وزير جي خصوصي مددگار ۽ وائس چيئرپرسن ايجوڪيشن سٽي بورڊ سيد قاسم نويد قمر پاران ملير لنڪ روڊ تي ايجوڪيشن سٽي بورڊ جي منصوبي جي لاءِ لنڪ روڊ ملير تي جوڙيل پوليس ٿاڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي: لنڪ روڊ تي ايجوڪيشن سٽي لاءِ ٿاڻو قائم، افتتاحي تقريب منعقد

ڪي اين شاهه ۾ واپڊا جي هائڊرو
يونين پاران کاتي جي نجڪاري خلاف
احتجاجي مظاهرو

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه هائڊرو يونين جي چيئرمين ظهير احمد گاڏهي، وائيس چيئرمين محمد اعظم جوڻيجو، جنرل سيڪريٽري محمد عقيل سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ واپڊا نجڪاري خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو تفصيل موجب خيرپور ناٿن شاهه هائڊرو يونين جي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو غلام حيدر ۾ گرلز بوائز ۽ پرائمري اسڪولن جون سوين عمارتون ناڪاره ٿي ويون

سوين اسڪولي عمارتون زبون حالي جي ور چڙهي ٽٽي تباهه ٿي کنڊر بڻجي ويون، اسڪولن کان بنيادي سهولتن جي کوٽ

هزارين شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل، انتظاميا اڄ تائين ڪوبه عملي ڪم نه ڪري سگهي، والدين پاران واهر ڪرڻ جي اپيل

بوائز گرلز ۽ پرائمري اسڪولن جي زبون حالي جو ترت نوٽيس وٺي اسڪولن ۾ سموري سهولتون مهيا ڪري ڏنيون وڃن: رهواسي

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ: ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر جي مختلف شهرن ۾ گرلز بوائز ۽ پرائمري اسڪولن جون سوين بلڊنگون ناڪاره ٿي ويون سوين اسڪولي عمارتون زبون حالي جي ور چڙهي ٽٽي تباهه ٿي کنڊر بڻجي ويون ڪيترن ئي اسڪولن کان بنيادي سهولتن جي کوٽ هزارين شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل انتظاميا اڄ تائين ڪوبه عملي ڪم نه ڪري سگهي اسڪولن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺاروشاهه عورت پاران مبينا طور نياڻي جي گم ٿيڻ خلاف احتجاج

محڪوم منهنجي نياڻي کي بلاجواز مارڪٽ ڪري گهران ڪڍي ڇڏيو آهي: مسمات مومل

شڪ آهي ته منهنجي نياڻي کي سندس مڙس اغوا ڪري ڪاٿي وڪرو ڪري ڇڏيو آهي

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه جي دستگير ڪالوني واسي عورت مسمات مومل ڪلهوڙو پريس ڪلب پهچي مبينا طور نياڻي جي گم ٿيڻ خلاف احتجاج ناٺي تي زال اغوا ڪرڻ جو الزام انصاف جو مطالبو. ٺاروشاهه جي وارڊ نمبر 8 واسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

برادري پنهنجي صفن ۾ ڀڏي ڀائچاري اتحاد کي مضبوط ڪري: رجب علي جهتيال

هن گهڻ پوسٽ واري دور ۾ پاڻ ۾ ڀڏي جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ اسان کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

برداري سان گڏ سنڌ جي بهتر مستقبل خوشحالي بابت پڻ دل جان سان ڪم ڪرڻو پوندو: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: باغي ساگر) جهتيال ڳوٺ ۾ چيف آرگنائزر رجب علي جهتيال جي صدارت هيٺ برادري پاران گڏجاڻي تي گڏريو، جنهن ۾ جهتيال برادري جي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ خاص ڪري نياڻين کي پڙهائڻ لاءِ زور ڀريو ويو. چيف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي: جهتيال ڳوٺ ۾ چيف آرگنائزر رجب علي جهتيال جي صدارت هيٺ برادري پاران گڏجاڻي منعقد

ووٽرن جي اميدن تي پورو لهنداسين: عظمت الله لنڊ

ووٽرن کي مايوس نه ڪبو، علائقي جي ترقي لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون وينديون

هتان جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪيون وينديون: ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي گڏاپ ٽائون جي يوسي 3 پيري جي پ پ جي ٽڪيٽ تان مڪاني چونڊن ۾ ڪامياب ٿيل چيرمين عظمت الله لنڊ وائيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سي پي ڊي آءِ بجيٽ شفافيت جي صورتحال بابت ساليانې رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

رپورٽ ۾ وفاقي ۽ صوبائي سطح تي بجيٽ جي عمل ۾ خامين جي نشاندهي ڪئي وئي ۽ بجيٽ تجويزن تي زور ڏنو ويو

ٽي ماهي توڙي ساليانې آڊٽ رپورٽون باقاعده طور تي آڊيٽر جنرل جي ويب سائيٽ تي اپ لوڊ ڪيون وڃن: ترجمان

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سي پي ڊي آئي پاران پاڪستان ۾ بجيٽ جي شفافيت جي صورتحال تي جاري ڪيل ٽئين ساليانې رپورٽ بابت سماجي تنظيم پاران دادو پريس ڪلب ۾ سيمينار ڪوٺايو ويو. سيمينار ۾ سماجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

گمبٽ پريسان گم ٿيل ائين ڪلاس جي شاگرد سجاد احمد لاڪو جو پتو نه پيو

استاد عبدالقيوم ڄامڙو استاد رفيق احمد لاڪو سهيل احمد لاشاري ۽ ٻين احتجاج ڪيو

نوٽيس وٺي شاگرد سجاد لاڪو جي ڳولها ۾ مدد ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي: مظاهرين

گمبٽ (رپورٽ: عبدالحي شيخ) گمبٽ جي گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول لاڪا وڏا جي شاگرد سجاد لاڪو جي بازيابي لاءِ استادن ۽ شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گمبٽ: شاگرد سجاد لاڪو جي بازيابي لاءِ استادن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

وارهه ۾ باٿرن ۽ پوليس جي زيادتين خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج

باٿر منهنجي مٿان ڏنڊن ۽ ڪهاڙين سان حملو ڪري مونکي سخت زخمي ڪيو آهي: ممتاز مرڪنڊ

غريب مسڪين آهيون معاملي جو نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

وارهه (رپورٽ: طالب حسين چانڊيو) وارهه باٿرن جي ظلم ۽ پوليس انتظاميه خلاف ٻڪرين جي ڌنار ۽ سنڌس جي ڀاءُ جو تعلقه پريس ڪلب وارهه اڳيان احتجاج وارهه لڳ ڳوٺ شيخ مرڪنڊ جي رهواسي ٻڪرين جي ڌنار ممتاز علي مرڪنڊ ۽ سنڌس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

گمبٽ ريلوي اسٽيشن تي هزاره ايڪسپريس پهچڻ تي آجيان

ريلوي اسٽيشن تي ٻن مسافر ٽرينن جا اسٽاپ بحال ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ رهواسين آجيان ڪئي

ٻن مسافر ٽرينن هزاره ايڪسپريس اپ ڊائون ۽ علامه اقبال اپ جا اسٽاپ بحال ٿيا آهن: رهواسي

گمبٽ (رپورٽ: عبدالحي شيخ) گمس سربراهه ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي، گمس جي ڊاڪٽرن ڊاڪٽر عبدالوهاب ڊوگر ڊاڪٽر صفدر آرائين ۽ ٻين سميت گمبٽ ريلوي اسٽيشن تي ٻن مسافر ٽرينن جا اسٽاپ بحال ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ريلوي اسٽيشن پهچي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

گمبٽ: ريلوي اسٽيشن تي هزاره ايڪسپريس پهچڻ تي آجيان ڪيو پيو وڃي

ٺاروشاهه ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن ۾ وڏي پيماني تي ڪرپشن جو انڪشاف

ٺيڪيدار پبلڪ هيلٿ جي ڪامورن سان ملي ڪري ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪن پيا: ذريعا

پبلڪ هيلٿ انجنيئر ايس ڊي او ۽ ٺيڪيدارن خلاف ڪاروائي ڪري ڪم درست ڪرايو وڃي: شهري

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه ۾ پبلڪ هيلٿ پاران ڊسپوزل تي هلندڙ ترقياتي ڪمن ۾ وڏي پيماني تي ڪرپشن جو انڪشاف ٺيڪيدار پبلڪ هيلٿ جي ڪامورن سان ملي ڪري ڪروڙين روپين جي ڪرپشن ڪري رهيا آهن رهواسين نصير ابڙو راشد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوابشاهه ۾ پوليس اهلڪارن ۾ شادي گرانٽ جا چيڪ تقسيم

ٽنهي ضلعن جي 50 پوليس اهلڪارن ۾ 32 لک 50 هزار روپين جا چيڪ ورهايا ويا

ضلعي شهيد بينظيرآباد جي 17 اهلڪارن ۾ 11 لک ۽ ٻين ۾ ضلعن ۾ پڻ ورهايا ويا

نو شهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس شهيد بينظيرآباد رينج محمد يونس چانڊيو جي هدايتن تي رينج جي پوليس اهلڪارن ۾ شادي گرانٽ جا چيڪ تقسيم ڪرڻ واري تقريب رينج آفيس ۾ ٿي گذري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

اسان وس آهر خلق خدا جي خدمت ڪري رهيا آهيون: ڪنول اعجاز

مهانگائي غريبن کي بکون ڪٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، انتظاميه خاموش آهي

حالات ڏسي روئڻ ٿو اچي، هڪ ماڻهو اٽو نه وٺي سگهي اهو ٻارن لاءِ گرم ڪپڙا ڪيئن وٺندو

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) سيڪريٽري پي ٽي آئي وومن ونگ ميرپورخاص ڊويزن ڪنول اعجاز تعلقي ڏيپلي جي ڳوٺ عالم ڪولهي ۾ پهچي قومي اسيمبلي جي اڳوڻي ممبر صائما نديم پاران موڪليل گرم ڪپڙا، ڪمبل غريب ٻارڙن ۽ عورتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٺٽون ڪوٽ: متاثرن ۾ گرم ڪپڙا، ورهايا پيا وڃن

نوشهروفيروز ۾ سن واقعي خلاف ايس يو پي پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

ايس يو پي جي ڄام اسلم ڪوريجو ياسين سومرو مورو بار جي جنرل سيڪريٽري قادر بخش ڪورائي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

ايس ايس پي ڄامشورو پرامن قومي ڪارڪنن مٿان حملو ڪيو آهي، فاشست ۽ آمرانا قدم جي مزمت ڪجي ٿي: مظاهرين

ايس ايس پي ڄامشورو کي هٽائي جوڊيشل جاچ ڪرائي وڃي ۽ ملوث فورسز خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) سن ۾ ڪالهه 17 جنوري تي رهبرِ سنڌ مفڪر اعظم سائين جي ايم سيد جي سالگرهه تي قومي ڪارڪنن تي گوليون هلائي زخمي ڪرڻ ۽ نياڻين تي تشدد ڪرڻ خوف هراس پيدا ڪرڻ خلاف سنڌ يونائيٽيڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز: سن واقعي خلاف ايس يو پي پاران احتجاج ڪيو ويو

ٽنڊو محمد خان ۾ خانگي
اسڪولز جي اتحاد جي چونڊ،
محرم آچار صدر مقرر

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان ۾ خانگي اسڪولز جي اتحاد جي چونڊ ۾ محرم آچار صدر، ممتاز شاهه جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا. ٽنڊو محمد خان جي خانگي اسڪولز اتحاد جي چونڊ مرڪزي اڳواڻ سعيد محبت علي قريشي، حسن مرتضيٰ، اسامه جي نگراني ۾ ٽنڊو محمد خان ضلعي لاءِ صدر محرم آچار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو محمد خان ۾ ٻن جوابدارن کي عمر قيد جي سزا، لک روپيه ڏنڊ جي سزا جو حڪم

گرفتار ٻن جوابدارن غلام رسول ڪاتيار ۽ نور محمد ڪاتيار کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت سزا ٻڌائي

قتل ٿي ويل شخص جي ڀاءُ محمد ابراهيم ولد محمد اسماعيل شيدي قتل جي ايف آءِ آر داخل ڪرائي هئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج جي عدالت قتل ڪيس جي الزام ۾ ٻن جوابدارن کي عمر قيد جي سزا، هڪ هڪ لک روپيه ڏنڊ جي سزا جو حڪم، ٽنڊو محمد خان جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج قاضي شاهه محمد اظهر عدالتي فيصلي ۾ قتل ڪيس ۾ گرفتار ٻن جوابدارن غلام رسول ڪاتيار ۽ نور محمد ڪاتيار کي ڏوهه ثابت ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ٺٽي ۾ واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران کاتي جي نجڪاري خلاف احتجاجي مظاهرو

واپڊا ملازم اڳواڻن وحيد رند، امير ڪوسو، گلاب لنڊ، شيرزمان سهتو، رحمان خان جي اڳواڻي ۾ ڪري ڌرڻو هنيو، نعريبازي

ملازمن سان ناانصافيون ڪري مسئلا حل نٿا ڪيا وڃن، نجڪاري جو راڳ آلاپي وڌيڪ پريشان ڪيو پيو وڃي: وحيد رند

24 ڪلاڪن اندر واپڊا جي نجڪاري جو اعلان واپس نه ورتو ويو ته اسلام آباد ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويندو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) واپڊا جي نجڪاري خلاف سڄي ملڪ وانگر ٺٽي ۾ ضلعي ٺٽي ۽ سڄاول جي واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران حيسڪو آفيس مڪلي ڪان مکلي مين نيشنل هاءِ وي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، جتي واپڊا حيسڪو جي سوين ملازمن احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي مظاهرين واپڊا جي نجڪاري خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي، ان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽو: واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين پاران کاتي جي نجڪاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي سيڪٽر جي 5 طلحه مسجد
جي پريسان گهر مان هڪ عورت جو
تشدد ٿيل لاش هٿ

ڪراچي (رپورٽر) نيو ڪراچي سيڪٽر جي 5 طلحه مسجد جي پريسان گهر مان هڪ عورت جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو آهي جنهن جي سڃاڻپ انعم زال دلاور عمر 26 سال ٻڌائي پئي وڃي فوتي عورت جو لاش عباسي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي قتل ٿيل عورت جي تفتيش جاري ڪري ڇڏي آهي پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز جي خزاني واري آفيس ڪرپشن جو ڳڙهه بڻجي وئي

ڪرپٽ اڪائونٽس آفيسر جي پيرپائڻ شرط آفيس ۾ رشوت جي بازار گرم، هر ڪم تي ريٽ مقرر ٿي ويا

ايڊيشنل اڪائونٽس آفيسر، اڪائونٽنٽ، ڊبل اي اوز، آڊيٽرن، سب اڪائونٽنٽن کي ڪرپشن ۽ رشوت جي ڇوٽ

ڪرپٽ آفيسر ۽ ٽريزري نوشهروفيروز جي عملي کي هٽائي ملازمن کي وڌيڪ ڦرڻ بچايو وڃي: سڃاڻ ڏريون

نوشهروفيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) نوشهروفيروز جي خزاني واري آفيس ڪرپشن جو ڳڙهه بڻجي وئي، ڪرپٽ اڪائونٽس آفيسر جي پير پائڻ شرط آفيس ۾ رشوت جي بازار گرم ، هر ڪم تي ريٽ مقرر ٿي ويا راشي عملو پينشنرن توڙي ملازمن جي لاءِ عذاب بڻيل ڪنهن به نوٽيس نه ورتو رپورٽ موجب جنهن ڏينهن کان ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس نوشهروفيروز جي چارج ڊسٽرڪٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪي اين شاهه ۾ واپڊا جي هائڊرو يونين پاران کاتي جي نجڪاري خلاف احتجاجي مظاهرو

يونين جي چيئرمين ظهير احمد گاڏهي، محمد اعظم جوڻيجو، محمد عقيل سومرو ۽ ٻين اڳواڻن احتجاج ڪيو

نجڪاري ۽ ٻارهن کي وي فيڊرس کي آئوٽ سروس ڪرڻ بند ڪيو وڃي، اهڙو فيصلو اسان کي قبول ناهي: مظاهرين

اهڙي قسم جا فيصلا جيڪي پورهيت ملازمن کي نقصان رسائن جلد کان جلد واپس ڪيا وڃن: مطالبو

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽ: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه هائڊرو يونين جي چيئرمين ظهير احمد گاڏهي، وائيس چيئرمين محمد اعظم جوڻيجو، جنرل سيڪريٽري محمد عقيل سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ واپڊا نجڪاري خلاف احتجاجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

خيرپور ناٿن شاهه: واپڊا جي هائڊرو يونين پاران کاتي جي نجڪاري خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سلطانپور واسي نوجوان
ڪراچي ۾ مبينا طور
هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويو

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور واسي نوجوان ڪراچي ۾ مبينا طور هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويو سلطانپور لڳ ڳوٺ ترڇ واسي پورهيت عطاءُ الله ڪلهوڙو ڪراچي جي پٺائي آباد واري علائقي ۾ رات دير سان مبينا هٿياربندن هٿان قتل ٿي ويو پورهيت عطاءُ الله ڪلهوڙو ڪراچي جي هڪ فيڪٽري ۾ سيڪيورٽي گارڊ طور ڪم ڪندو هو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهروفيروز ۾ واپڊا جي امڪاني خانگائڻ خلاف سيپڪو ملازمن جو احتجاجي مظاهرو

ملازمن محمد اسحاق مگريو زاهد مهيسر ولي محمد ممتاز شر غلام فريد چنا سائين داد ميتلو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

وفاقي حڪومت واپڊا جي ملازمن سان ماٽيلي ماءُ وارو ورتاءُ ڪري رهي آهي، جيڪو فيصلو قبول ناهي: مظاهرين

واپڊا قومي ادارو آهي جيڪڏهن واپڊا کي خانگايو ويو ته پوري ملڪ ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو، نوٽيس ورتو وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) واپڊا جي امڪاني خانگائڻ خلاف سيپڪو ملازمن جو احتجاج، واپڊا نجڪاري ڪنهن صورت قبول نه ڪئي ويندي اسحاق مگريو ۽ ٻيا خبر موجب هائيڊرو اليڪٽرڪ ليبر يونين جي مرڪزي سڏ تي واپڊا جي امڪاني خانگائڻ خلاف سيپڪو ملازمن محمد اسحاق مگريو زاهد مهيسر ولي محمد ممتاز شر غلام فريد چنا سائين داد ميتلو عاشق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

بدين ۾ ڪامياب اميدوارن پاران چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين جي سيٽ لاءِ ڊڪ ڊوڙ شروع

پارٽي جي قيادت ضلعي جي سيني ايم پي ايز کي پنهنجن تڪن جون ميونسپل ۽ ٽائون ڪميٽيون کٽڻ جو ٽاسڪ ڏنو هو

2015 جي مقڪاني ادارن جي چونڊن ۾ بدين جي چوڏهن وارڊن تي ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا گروپ سوئيپ ڪري ويو هو

بدين جي 12 وارڊن تي پارٽي اميدوارن جي ڪاميابي ۾ به خاص پير نور الله قريشي پمحنت شامل آهي: ذريعا

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين ميونسپل ڪميٽي جي چوڏهن وارڊن مان پارٽين وارڊن تي پيپلز پارٽي جي اميدوارن جي چونڊجڻ ڪانپوءِ ميونسپل بدين جي چيئر مين ۽ وا ئيس چيئرمين ۽ مخصوص سيٽون حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙ شروع ٿي وئي آهي پي پي جي ذريعن کان ملندڙ ڄاڻ موجب ته پارٽي جي اعليٰ قيادت ضلعي جي سيني ايم پي ايز کي پنهنجن تڪن جون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

بدين پيپلزپارٽي جي اميدوارن جا فائيل فوٽو

گمبٽ ريلوي اسٽيشن تي
هزاره ايڪسپريس
پهچڻ تي آجيان

گمبٽ (رپورٽ: عبدالحي شيخ) گمس سربراهه ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي، گمس جي ڊاڪٽرن ڊاڪٽر عبدالوهاب ڊوگر ڊاڪٽر صفدر آرائين ۽ ٻين سميت گمبٽ ريلوي اسٽيشن تي ٻن مسافر ٽرينن جا اسٽاپ بحال ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ ريلوي اسٽيشن پهچي ڪراچي کان پنجاب ويندڙ هزار ايڪسپريس ۽ مسافرن جي آجيان ڪئي خبف موجب. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

جهمپير مان پراسرار نموني گم ٿيل اسڪول جو نائب قاصد قتل، لاش هٿ، 2 جوابدار گرفتار

گرلس پرائمري اسڪول تي مقرر ٿيل مهر علي شاهه هڪ مهينو اڳ اوچتو پراسرار نموني جهمپير شهر مان گم ٿي ويو هو

گرفتار جوابدارن ڦربعد مهر علي شاهه کي قتل ڪرڻ جو اعتراف ڪري ورتو پوليس سندن نشاندهي تي لاش ڪوهه مان ڪڍي ورتو

وارثن ۽ مقامي ڳوٺاڻن سان گڏ پهچي لاش کوهه مان ڪيرائي اسپتال پهچائي پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ: جاويد ميمڻ) هڪ مهينو اڳ ٺٽي جي شهر سونڊا جي رهواسي تعليم کاتي جي ملازم سيد مهر علي شاهه جيڪو سونڊا جي سماجي ۽ صحافي اڳواڻ سيد شير علي شاهه جو چاچو آهي کي گوليون هڻي قتل ڪري لاش جهمپير جي ٽڪري واري علائقي ۾ کوهه ۾ اڇلايو ويو جهمپير جي گرلز پرائمري اسڪول سونڊا جي رهواسي مهر علي شاهه جي ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 20 جنوري 2023ع

بهتر معيشت ، بهتر حڪومت جو بنياد آهي

ملڪ مان سياسي بحران ختم ٿيڻ جو نالو ئي نه ٿو وٺي نه ئي ڪنهن کي اندازو آهي ته انهي بحران جو انت ڪٿي ٿيندو؟ ڇاڪاڻ ته هر روز نئون معاملو سامهون اچي رهيو آهي ۽ سياسي ڌريون پنهنجا پنهنجا پتا استعمال ڪري رهيون آهن جيڪي بحران کي ختم ڪرڻ بدران رهندو وڌائي رهيا آهن مخالف ڌر جي ڪوشش آهي ته ڪيئن به ڪري اهڙو بحران جاري رکجي جيئن حڪومت کي ڪا سولائي نه ٿئي ۽ اها ايترو ته سياسي معاملن ۾ ڦاٿل هجي جو گورننس ڏانهن ڌيان ئي نه ڏئي سگهي. جڏهن ته حڪومت جي ڪوشش آهي ته ڪيئن به ڪري مخالف ڌر خاص ڪري عمران خان خلاف اهڙا اسڪينڊل سامهون آڻجن جو اهو دفاعي پوزيشن ۾ اچي حڪومت جي معاملن ۾ رنڊڪ بڻجڻ جهڙو نه رهي. بظاهر ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي حڪمت عملي ۾ ڪامياب ٿيندي به نظر اچي رهيون آهن پر انهي سان جيڪو سياسي بحران يا عدم استحڪام وڌي رهيو آهي اهو ملڪي معيشت کي نقصان پهچائي رهيو آهي.

اپريل ۾ اڳوڻي وزيراعظم خلاف بي اعتمادي جي رٿ ڪامياب ٿيڻ کانپوءِ ملڪ ۾ سياسي استحڪام اچڻ ئي نه ٿو ڏنو وڃي جنهن جو وڏي ۾ وڏو سبب حڪومت مان هٽايل ڌر جي اها سياسي حڪمت عملي آهي جيڪا هنن نيون چونڊون ڪرڻ لاءِ اختيار ڪئي آهي. اڳ ۾ سڄي ملڪ ۾ سياسي جلسا ڪري حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اها مجبور ٿي چونڊن جو اعلان ڪري. پوءِ قومي اسيمبلي ۾ نه ويهڻ ۽ اتان استعيفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو وري حڪومت خلاف لانگ مارچ ڪيو ويو جڏهن انهن دٻاءُ باوجود حڪمرانن نين چونڊن ڪرائڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته پوءِ پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبليون ٽوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ڪجهه ڏينهن اڳ پنجاب اسيمبلي ٽوڙي وئي ۽ ٻه ڏينهن اڳ وري ڪي پي اسيمبلي ٽوڙڻ جي سمري گورنر ڏانهن موڪلي وئي آهي.اها ته هئي مخالف ڌر جي حڪمت عملي، وري حڪمران ڌر اوچتو مخالف ڌر جي اهم اڳواڻن سميت قومي اسيمبلي جي 35 ميمبرن جون استعيفائون قبول ڪري ورتيون آهن جيڪي ڪيتري وقت کان وٺي اسپيڪر وٽ پيل هيون. انهن 35 اسيمبلي ميمبرن جي استعيفائن جي اوچتو منظوري بابت سياسي حلقا اهو چئي رهيا آهن ته جيئن ته عمران خان وري اسيمبلي ۾ واپس اچڻ جو اشارو ڏنو هو تنهن ڪري حڪومت انهن جي ميمبرن جون استعيفائون قبول ڪري مخالف ڌر کي ڪمزور ڪرڻ چاهي ٿي ته جيئن اهي اسيمبلي اندر حڪومت لاءِ ڪو وڏو مسئلو پيدا نه ڪن ۽ ٻيو ته مخالف ڌر اهو به اعلان ڪيو هو ته وزيراعظم کي اعتماد جو ووٽ وٺڻ لاءِ چيو ويندو جنهن ڪري به حڪومت اهي استعيفائون منظور ڪيون آهن ته جيئن ڪين اسيمبلي اندر اعتماد يا عدم اعتماد جي تحريڪ پيش ٿيڻ سبب ڪو مسئلو نه ٿئي.چا به هجي ٻئي ڌريون کهڙي به حڪمت عملي اختيار ڪن پر انهي سان سياسي بحران حل ٿيڻ بدران وڌي رهيو آهي. هاڻي ته چونڊون ئي چونڊون ٿينديون نظر اچي رهيون آهن اڳ ۾ پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبلي جون چونڊون آئين تحت ٽن مهينن اندر ڪرائڻيون آهن ته وري هي 35 اسيمبلي ميمبرن جون استعيفائون قبول ڪرڻ کانپوءِ اتي به آئين ۾ ڏنل مدي تحت چونڊون ڪرائڻيون پونديون.

اسان سمجهون ٿا ته ملڪ جنهن معاشي مسئلي ۾ ڦاٿل آهي انهي کي سياسي تدبر سان ٻاهر ڪڍڻ جي ضرورت آهي.حڪومت ۽ مخالف ڌر جيڪي حڪمت عمليون هڪٻئي کي شڪست ڏيڻ لاءِ اختيار ڪري رهيون آهن اهي انهي معاشي مسئلي کي اڃا به اينگهائينديون.انهي سياسي بحران کي حل ڪرڻ جو طريقو ڳالهيون ئي آهن جيڪڏهن مخالف ڌر سمجهي ٿي ته انهي کي نيون چونڊون گهرجن ته ان لاءِ به حڪومت تي اسيمبلين ۾ ويهي دٻاءُ وجهي سگهجي ٿو جيڪڏهن حڪومت سمجهي ٿي ته مخالف ڌر کي ٻاهر ڪڍي بحران حل ڪري سگهجي ٿو ته اها به ان جي غلط سوچ ۽ پاليسي آهي.تنهن ڪري انهي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ ٻنهي ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي اچڻو پوندو جيڪو ئي ملڪي معيشت کي بهتر ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو جيڪڏهن ڌريون ڳالهين جي ميز تي نه آيون ته سياسي بحران وڌندو ويندو ۽ ملڪي معيشت کي اهڙي حالت تي پهچائيندو جو پلي ڪٿي ڪير به حڪومت ۾ هجي ان لاءِ حڪومت ڪرڻ ڏکيو بڻجي ويندو چو ته بهتر معيشت ئي بهتر حڪمراني جو بنياد آهي.

گڏيل قومن جو فوجي مبصر گروپ: پاڪ ڀارت امن ڪوشش جو ثالث؟

ايس ايم رضوان

گڏيل قومن 1947ع ۾ ڀارت ۽ پاڪستان جي آزاديءَ کان وٺي ڪشمير جي علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ ۾ صلاحڪاري جو ڪردار ادا ڪيو آهي. جڏهن ڄمون ۽ ڪشمير جي مسئلي تي ٻنهي رياستن جي وچ ۾ تڪرار پيدا ٿيو. ڀارت اهو معاملو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ کڻي ويو. گڏيل قومن جي ڪميشن (UNCIP) کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ مسئلن جي تحقيق ۽ ثالثي لاءِ قائم ڪيو. گڏيل قومن جو فوجي مبصر گروپ: پاڪستان ۽ ڀارت امن جي ڪوشش جا اهم ثالث آهن. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن جو نيويارڪ ۾ 16 آگسٽ 2019 تي ڪشمير جي حوالي اجلاس ٿيو. موجود مکيه اسٽيڪ هولڊرز مان هڪ هندستان آهي. جڏهن ته IIOJK ۾ پونڇ، راجپوري، سرينگر، نئين دهلي ، ڄمون ۽ رابطا آفيسون گڏيل قومن جي فيلڊ اسٽيشنون آهن. پاڪستان ۾ گڏيل قومن جون فيلڊ اسٽيشنون اسڪردو، گلگت، ڊوميل، راولڪوٽ، ڪوٽلي ۽ ڀمبر ۾ واقع آهن. فيلڊ اسٽيشنون به سيالڪوٽ ۾ ورڪنگ بائونڊري سان گڏ آهن. گڏيل قومن جي فوجي مبصرن جو پهريون گروپ 24 جنوري 1948 تي IIOJK ۾ هندستان ڏانهن ويو. 1948ع ۾ جڏهن سلامتي ڪائونسل هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو جيڪو ڪشمير ۾ پاڪستان ۽ هندستان جي وچ ۾ ڇڪتاڻ کانپوءِ زميني صورتحال تي غور ۽ ويچار لاءِ ڪميشن هو. 1949ع ۾ ڪراچي معاهدي تحت هڪ ٽيم ڪشمير جي تڪراري علائقي ڏانهن موڪلي وئي. ان سلسلي ۾ مشن جو سربراهه گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي رپورٽ ڪري ٿو هيڊ آف مشن جي مقرري جو مدو ٻه سال هوندو آهي. جولاءِ 2018 ۾، انٽونيو گوتريس، موجوده سيڪريٽري جنرل، يوراگوئين فوج جي ميجر جنرل جوز ايلاڊيو الڪين کي چيف فوجي مبصر مقرر ڪيو ۽ سويڊش ميجر جنرل گستاف لوڊن کي UNMOGIP مشن جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. گڏيل قومن جي رپورٽ موجب مشن هن وقت 19 ملين آمريڪي ڊالر جي سالياني بجيٽ تي ڪم ڪري ٿو. ياد رهي ته 1972ع جي شملا معاهدي کان پوءِ ڀارت ۽ پاڪستان ڪشمير تڪرار جي ٻه طرفي حل تي اتفاق ڪيو هو. ڀارت گڏيل قومن جي مبصرن کي اهم ڪردار ادا ڪرڻ کان روڪيو آهي. 2014 ۾ ڀارت UNMOGIP کي ڪشمير ۾ پنهنجو دفتر بند ڪرڻ لاءِ چيو آهي. جنهن کانپوءِ 2017ع ۾ ڀارتي پرڏيهي وزارت هڪ بيان ۾ چيو هو ته ان وٽ صورتحال جي نگراني ڪرڻ جو ڪو به مينڊيٽ ناهي. جڏهن ته گڏيل قومن جو مشن ڪشمير تڪرار ۾ ڪنهن به ڌر جي مداخلت سان ڪم ڪري رهيو آهي ڇاڪاڻ ته مشن کي صرف گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي صوابديد تي ختم ڪري سگهجي ٿو. جيڪي بار بار هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي کي ياد ڏياريندا رهيا آهن ته ڪشمير تڪرار جي حتمي حل لاءِ گڏيل قومن جي چارٽر تي عمل ڪن. گڏيل قومن کي لائين آف ڪنٽرول (ايل او سي) تي ٿيندڙ سيڪيورٽي پيش رفتن کان آگاهه ڪري ٿو. گذريل سال پڻ پاڪستان باقاعده طور تي ڀارتي فوج طرفان لائن آف ڪنٽرول جي مبينه خلاف ورزي تي ڊوزيئر حوالي ڪيو. پاڪستان والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جي ڀڃڪڙين کي تحفظ ڏيڻ لاءِ گڏيل قومن جي ٺهرائن تي زور ڏئي رهيو آهي. ڪشمير جي مسئلي تي گڏيل قومن جي اهميت آهي. ڪشميري عوام به گڏيل قومن کي هڪ قسم جو ثالث سمجهي ٿو ڇاڪاڻ ته گڏيل قومن جو واحد عالمي فورم رهيو آهي جنهن جون ڪشمير تڪرار تي ڪيترين ئي قراردادون آهن. حريت اڳواڻن پاران گڏيل قومن جو چالوڪا نعرو گذريل ڪيترن سالن کان مزاحمتي مهم جي حصي طور باقاعدگي سان سامهون آيو آهي. ڀارت 2014ع ۾ ڪشمير بابت گڏيل قومن جي فوجي مبصر گروپ کي نئين دهلي ۾ حڪومت طرفان فراهم ڪيل آفيس خالي ڪرڻ جو چيو هو. هندستان وارا ڪافي عرصي کان ان مشن جي خلاف سخت موقف اختيار ڪري رهيا آهن. هندستاني حڪومت هندستان ۽ پاڪستان تي گڏيل قومن جي فوجي مبصرن جي گروپ (UNMOGIP) کي چيو آهي ته پنهنجا رابطا دفتر هندستاني حڪومت جي حوالي ڪن. گڏيل قومن جون آفيسون هندستان جي گاديءَ واري هنڌ سرينگر ۾ قائم آهن. ان ۾ UNMogip به شامل آهي. جيڪو 1949ع ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ پهرين جنگ کان پوءِ ڪراچي معاهدي تحت قائم ٿيو هو. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن ۾ ڄمون ۽ ڪشمير کي تڪراري علائقو تسليم ڪيو ويو آهي. جيستائين ڄمون ۽ ڪشمير جي عوام جي مرضي جو تعين گڏيل قومن طرفان ريفرنڊم ذريعي نه ڪيو وڃي. پاڪستان ريفرنڊم جي قرارداد تي عملدرآمد جو پنهنجو مطالبو برقرار رکيو آهي. جنهن موجب گڏيل قومن ۾ ملڪ جي مستقل نمائندي مسعود خان ڀارت طرفان ان کي برقرار رکيو آهي. هندستان جو چوڻ آهي ته 1972 ۾ شملا معاهدي تي هندستان ۽ پاڪستان جي دستخط ٿيڻ کانپوءِ گڏيل قومن جو ڪردار گهٽ رهيو. جنهن تحت ٻنهي ملڪن ڪشمير سميت سمورن تڪرارن کي ٻه طرفي حل ڪرڻ تي اتفاق ڪيو.

ڀارتي آفيس جي انچارج ميجر نڪولس ڊياز جو چوڻ هو ته آفيس خالي ڪرڻ جو ڪو سبب ناهي ٻڌايو ويو. مبصر گروپ گڏيل قومن جي مينڊيٽ جي مطابق ڪم ڪندو رهندو ۽ متبادل رهائش جي تلاش ۾ آهي. پاڪستان ڪشمير ۾ جنگبندي جي ڀڃڪڙين جي حوالي سان يو اين موگپ کي شڪايتون داخل ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو آهي. ڀارت جنوري 1972ع کان لائين آف ڪنٽرول جي ڀارتي پاسي گڏيل قومن جي مبصرن جي سرگرمين تي پابندي لڳائي ڇڏي آهي. پهرين جنوري 1948ع تي ڀارت گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ڪشمير مسئلي جي حل جو مطالبو ڪيو. گڏيل قومن جي ڪميشن آن انڊيا اينڊ پاڪستان (UNCIP) جي قيام کان پوءِ 21 اپريل 1948ع تي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل قرارداد نمبر 47 پاس ڪئي. 1948ع ۽ 1949ع جي وچ ۾، UNCIP برصغير ۾ اهڙو حل ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا هندستان ۽ پاڪستان ٻنهي لاءِ قابل قبول هجي

✻✻✻✻✻✻✻✻✻✻✻

> تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون ڪي دَردَنِ؛
> تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرا! ڪي ڏُکندَنِ؛
> تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمرُ ڪريو اُنِ ڪي.

پاڪستان لاءِ ڏکيا ڏينهن اڳيان آهن

علي رضا قاضي

ورلڊ اڪنامڪ فورم پاران جاري رپورٽ موجب پاڪستان جي 'ڊفالٽ' ٿيڻ جا خطرا هر گذرندڙ وقت سان گڏ وڌي رهيا آهن. ڊفالٽ ٿيڻ جي صورت ۾ ڇا ٿيندو؟ اهو سوال ته يقينن اسان جي اڳيان آهي، پر ورلڊ اڪنامڪ فورم، جهڙي ريت 'گلوبل ڪرائيسز رسڪ رپورٽ' اندر پاڪستان کي درپيش بحرانن جو ذڪر ڪيو آهي، اها نهايت ئي گنڀير ۽ ڏکي صورتحال ڏانهن نشاندهي ڪري ٿي. پاڪستان کي جن خطرن کي ايندڙ ٻن سالن ۾ شدت سان منهن ڏيڻو پوندو، انهن ۾ پنج مکيه خطرا هي آهن: قرضن جو وڌڻ، تيزي سان وڌندڙ افراط زر، رياست جو ڀڃي پوڻ، سائيبر سيڪيورٽي جو غير محفوظ ٿيڻ، ڊجيٽل حوالي سان ملڪ جو ڪمزور ٿيڻ شامل آهن

رپورٽ ۾ نهايت تحقيق کانپوءِ ڄاڻايو ويو آهي ته "پاڪستان جو شمار دنيا جي انهن مارڪيٽن ۾ آهي، جيڪي جلد ئي ڊفالٽ جو شڪار ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پاڪستان جي ڏيوالي نڪرڻ جو خطرو وڌي ويو آهي. رپورٽ موجب ايندڙ ٻن سالن ۾ ڪنهن به پاسي کان پاڪستان جي حالت سڌرڻ جا امڪان نه هئڻ جي برابر آهن. ايندڙ وقتن ۾ نه صرف ڊجيٽل طور هتان جا ماڻهو نهايت ئي غير محفوظ هوندا، پر ان سان گڏ هنن جي اڳيان خوراڪ جو پڻ وڏو بحران هوندو. نتيجي ۾ سياسي، سماجي ۽ معاشي عدم استحڪام پيدا ٿيندا. بحرانن ۾ پاڻيءَ جو مسئلو پڻ شدت اختيار ڪندو. هڪ پاسي جتي موسمياتي تبديلين جي ڪري پاڻي وڏي تباهي مچائيندو اتي ساڳي وقت ان جي ڪوٽ ۽ ناانصافيءَ تي ٻڌل ورهاست قوميتن جي وچ ۾ شديد نفرت ۽ جهيڙن جو سبب ٿيندي. پاڻيءَ جو مسئلو نه صرف اندروني طور ملڪ لاءِ وڏي ڏچي جو ڪارڻ بڻبو پر ڀارت ۽ افغانستان سان پاڪستان جا اختلاف شديد اختلافن جي صورت اختيار ڪندا."

ورلڊ اڪنامڪ فورم پاران جاري رپورٽ ۾ اها ڳالهه زور ڏئي ڪئي وئي آهي ته وڏي ٻوڏ جي تباهين کانپوءِ پاڪستان هن وقت 27 سيڪڙو افراط زر کي منهن ڏئي پيو. ايندڙ ٻن سالن ۾ اها اڃا به وڌي ويندي. جنهن جو سڌو اثر عام ماڻهوءَ تي پوندو. ماڻهو غربت کان به هيٺ لڪير ڏانهن هليا ويندا. ايندڙ ٻن سالن ۾ مسلسل بحرانن جو هڪ وڏو سبب اڳواڻي جو قحط پڻ هوندو. سياسي ميدان ۾ اڳواڻن جي رقابت، دشمنيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي. اهڙي منظرن ۾ صحت، تعليم ۽ امن و امان جا شعبا نهايت ئي ٻوڙتي ڏکجي ويندا. نتيجي ۾ جن کي سياسي ٻوليءَ ۾ 'نان اسٽيٽ ايڪٽر' جي اصطلاح سان ياد ڪيو ويندو آهي، انهن کي ڀرپور موقعو ملندو ته هو اهڙين سنگين حالتن مان فائدو حاصل ڪن. هڪ پاسي جتي قوميتن جي بنياد تي نفرتون پنهنجي چوٽ کي ڇهنديون، اتي فرقيوارانه بنيادن تي مسلح جٿا پڻ سامهون ايندا. جيڪي انسان دشمنيءَ ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ کان مدد پڻ وٺندا!

رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ايندڙ ٻن سالن ۾ سرڪار، ملڪ ۾ توازن پيدا ڪرڻ ۽ عوام کي افراط زر کان بچائڻ لاءِ گهڻين ڏکيائين کي منهن ڏيندي. ڇاڪاڻ ته معاشي طور حالتون ڏينهن به ڏينهن گنڀير ٿينديون وينديون. جن جو سڌو اثر حڪومت جي اثر رسوخ تي پڻ پوندو. سادن لفظن ۾ ملڪ اندر حڪومتي رٽ نه هئڻ جي برابر ٿي ويندي. ان سڄي خطري واري صورتحال ۾ توانائي بحران ٻاهر تي تيل جو ڪم جو ڪم ڪندو. يعني ملڪ ۾ نه بجلي هوندي نه گيس. ماڻهو ڏانهون ڪندا رهجي ويندا. ڪنهن به سطح تي هنن جي داد رسي نه ٿيندي.

جاري ڪيل رپورٽ ۾ خبردار ڪيو ويو آهي ته جيڪڏهن وقت سر انهن خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ جوڳا انتظام نه ڪيا ويا ته اهي 'دائمي' حالتن تائين پهچي سگهن ٿا. نتيجي ۾ هن خطي ۾ مستقبل ۾ ڪا به ترقي نه ٿي سگهندي نه ئي 'گرين ٽيڪنالاجي' هن ملڪ ۾ اچي سگهندي. ياد رهي ته 'گرين ٽيڪنالاجي' هڪ وسيع اصطلاح آهي. جنهن جي ڇٽيءَ هيٺ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو اهو استعمال جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ قدرتي ماحول کي نقصان پهچي.

ورلڊ اڪنامڪ فورم پاران جاري رپورٽ ۾ جيڪا ڳالهه سڀ کان وڌيڪ خوفناڪ آهي، اها ايندڙ ٻن سالن اندر پاڪستان جي ادارن جو ويهي وڃڻ آهي. يعني ڪو به ادارو پنهنجي جڳهه تي درست نموني ڪم نه ڪندو. اها صورتحال ايتري ته ڀيانڪ هوندي جو ماڻهو هتان ڀڄي وڃڻ لاءِ رستا ڳوليندا ته ڪنهن ريت هن ملڪ مان فرار حاصل ڪجي.

